SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر XIII مجريه 1995

SINDH ACT NO.XIII OF 1995

پيپلز ميڊيڪل ڪاليج ۽ اسپتال نوابشاهه ايڪٽ، 1995

THE PEOPLE'S MEDICAL COLLEGE AND HOSPITAL NAWABSHAH ACT, 1995

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)

باب-I
شروعاتي

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. وصفون
Definitions

باب -II
ميڊيڪل ڪاليج جو قيام

3. ميڊيڪل ڪاليج جو قيام
Establishment of the Medical College
4. ميڊيڪل ڪاليج جي معاملن جو انتظام
Administration of the affairs of the Medical College
5. بورڊ جي جوڙجڪ
Constitution of the Board
6. چيئرمين ۽ ميمبرن جون ذميواريون ۽ ڪم
Duties and Functions of Chairman and Members
7. بورڊ جي گڏجاڻي
Meeting of the Board

8. ايگزيڪيوٽو ڪميٽي
Executive Committee

باب -III

ميڊيڪل ڪاليج جا مول متا ۽ بورڊ جا اختيار

9. مول ۽ متا
Aims and Objects

10. بورڊ جا اختيار
Powers of the Board

باب -IV

انتظاميه

11. چيف ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر جنرل
Chief Executive Director General

12. عملدارن، صلاحڪارن ۽ ملازمن جي مقرري
Appointment of Officers, Advisors and Employees

باب -V

ماليات

13. فنڊس
Funds

14. بجيٽ
Budget

15. اڪائونٽس
Accounts

باب -VI

متفرقات

16. آڊٽ
Audit

17. اثاثا ۽ ذميواري
Assets and liability

18. ميڊيڪل ڪاليج ڏانهن بدلي ڪيل ماڻهن جي ملازمت جا شرط ۽ ضابطا
Terms and conditions of service of persons transferred to the Medical College
19. حڪومت جي طلب
Requisition of Government
20. ساليانيون رپورٽون
Annual Reports
21. سرڪاري ملازم
Public Servant
22. دائره اختيار تي پابندي
Jurisdiction barred
23. ضمانت
Indemnity
24. ضابطا
Regulations
25. منسوخي
Repeal

سنڌ ايڪٽ نمبر XIII مجريه 1995

SINDH ACT NO.XIII OF 1995

پيپلز ميڊيڪل ڪاليج ۽ اسپتال نوابشاهه ايڪٽ، 1995

THE PEOPLE'S MEDICAL COLLEGE AND HOSPITAL NAWABSHAH ACT, 1995

[26 نومبر 1995]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ جنهن ذريعي ميڊيڪل ڪاليج ۽ اسپتال نوابشاهه کي ٻيهر جوڙيو ۽ ٻيهر منظم ڪيو ويندو.

جيئن ته ميڊيڪل ڪاليج ۽ اسپتال نوابشاهه کي ٻيهر جوڙڻ ۽ ٻيهر منظم ڪرڻ ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن لاءِ قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

باب -I

شروعاتي

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي پيپلز ميڊيڪل ڪاليج ۽ اسپتال نوابشاهه ايڪٽ، 1995 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهه مفهوم ۽ مضمون جي متضاد نه هجي، تيستائين:

(a) "بورڊ" مطلب ميڊيڪل ڪاليج جو بورڊ آف گورنرس؛

(b) "چيئرمين" مطلب بورڊ جو چيئرمين؛

(c) "چيف ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر" مطلب ميڊيڪل ڪاليج جو چيف ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر؛

(d) "موجود ميڊيڪل ڪاليج ۽ اسپتال" مطلب هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ کان اڳ فوري طور ڪم ڪندڙ ميڊيڪل ڪاليج ۽ اسپتال نوابشاهه؛

(e) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(f) "ميڊيڪل ڪاليج" مطلب پيپلز ميڊيڪل ڪاليج ۽

اسپتال نوابشاهه؛

(g) ”ميمبر“ مطلب بورڊ جو ميمبر؛

(h) ”بيان ڪيل“ مطلب ضابطن موجب بيان ڪيل؛

(i) ”پرنسپال“ مطلب ميڊيڪل ڪاليج جو پرنسپال؛

(j) ”ضابطا“ مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل ضابطا.

ميڊيڪل ڪاليج جو قيام
Establishment of the Medical College

3. (1) موجود ميڊيڪل ڪاليج ۽ اسپتال کي ٻيهر جوڙجڪ ۽ ٻيهر منظم ڪرڻ ذريعي ميڊيڪل ڪاليج جنهن کي پيپلز ميڊيڪل ڪاليج ۽ اسپتال نوابشاهه سڏيو ويندو، قائم ڪيو ويندو.

(2) پيپلز ميڊيڪل ڪاليج ۽ اسپتال جيئن هن ايڪٽ جي گنجائشن تحت ٻيهر جوڙيو ويو آهي، اهو هڪ بادي ڪارپوريٽ هوندو جنهن کي ٻنهي قسم جي متحرڪ ۽ غير متحرڪ ملڪيت حاصل ڪرڻ، رکڻ ۽ نيڪال ڪرڻ جي اختيار سان گڏ حقيقي وارثي ۽ عام مهر هوندي، ذيلي دفعه (1) ۾ ڄاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندو ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.

ميڊيڪل ڪاليج جي معاملن جو انتظام
Administration of the affairs of the Medical College

(3) ميڊيڪل ڪاليج جو هيڊ ڪوارٽر نوابشاهه ۾ هوندو.

بورڊ جي جوڙجڪ
Constitution of the Board

4. ميڊيڪل ڪاليج ۽ ان جي معاملن جي عام سنڀال ۽ انتظام بورڊ حوالي هوندا، جنهن کي بورڊ آف گورنرس سڏيو ويندو، جيڪو سمورا اختيار استعمال ڪندو ۽ سمورا قدم کڻندو ۽ سموريون شيون ڪندو، جيئن ميڊيڪل ڪاليج جي ترقي ۽ ان جي مقصدن جي پوري ڪرڻ لاءِ ضروري هجن.

5. (1)بورڊ هيٺين تي مشتمل هوندو:

(i)سنڌ جو گورنر	چيئرمين
(ii)محترم عبدالستار ڪيريو	وائيس چيئرمين
(iii)چيف سيڪريٽري سنڌ يا	ميمبر

سندس نمائندو جيڪو سيڪريٽري جي عهدي کان گهٽ نه هجي	
(iv)سنڌ حڪومت طرفان نامزد ڪيل نوابشاهه مان چونڊيل صوبائي اسيمبلي سنڌ جو هڪ ميمبر	ميمبر
(v)وفاقي سيڪريٽري صحت يا سندس نمائندو جيڪو جوائنٽ سيڪريٽري جي عهدي کان گهٽ نه هجي	ميمبر
(vi)وفاقي سيڪريٽري ماليات يا سندس نمائندو جيڪو جوائنٽ سيڪريٽري جي عهدي کان گهٽ نه هجي	ميمبر
(vii)وفاقي سيڪريٽري منصوبابندي يا سندس نمائندو جيڪو جوائنٽ سيڪريٽري جي عهدي کان گهٽ نه هجي	ميمبر
(viii)وفاقي ڊائريڪٽر جنرل صحت	ميمبر
(ix)ايڊيشنل چيف سيڪريٽري (ڊولپمنٽ) سنڌ	ميمبر
(x)سيڪريٽري صحت، سنڌ	ميمبر
(xi)سيڪريٽري ماليات، سنڌ	ميمبر
(xii)حڪومت طرفان نامزد ڪيل ميڊيڪل شعبي، نوابشاهه سان لاڳاپيل هڪ	ميمبر

نامياروِ ماڻهو	
(xiii)آغا خان يونيورسٽي جو هڪ نمائندو	ميمبر
(xiv)ڊپٽي ڪمشنر نوابشاهه	ميمبر
(xv)چيف ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر	ميمبر/سيڪريٽري

(2)بورڊ پاڻ سان اهڙا ٻيا ماهر گڏ ڪٽندو، جيئن اهو ضروري سمجهي.

(3) ايڪس آفيشو ميمبرن کانسواءِ ميمبر جيستائين حڪومت حڪم نه ڪري ٽن سالن جي عرصي تائين عهدو رکي سگهندا؛ بشرطيڪ اهڙو ميمبر ٻيهر مقرري جي لاءِ اهل هوندو.

چيئرمين ۽ ميمبرن جون ذميواريون ۽ ڪم
Duties and Functions of Chairman and Members

(4) ايڪس آفيشو ميمبر کانسواءِ ڪو ميمبر پنهنجي هٿ لکت سان چيئرمين ڏانهن عهدي تان استعيفيٰ اماڻي سگهي ٿو.

(5)ڪنهن به ميمبر کي ميڊيڪل ڪاليج ۾ ڪنهن معاوضي يا مفت ميڊيڪل علاج سان نه نوازيو ويندو.

(6)بورڊ جو ڪو به قدم يا ڪارروائي ڪنهن آسامي جي خالي هجڻ جي بنياد تي، يا بورڊ جي جوڙجڪ ۾ ڪنهن نقص جي صورت ۾ غير موثر نه هوندو.

بورڊ جي گڏجاڻي
Meeting of the Board

6. (1) چيئرمين ۽ ميمبر اهڙي ذميواري نپائيندا ۽ اهڙا ڪم ڪندا جيڪي انهن کي هن ايڪٽ تحت سونپيا وڃن.

ايگزيڪيوٽو ڪميٽي
Executive Committee

(2) جيستائين بورڊ مڪمل طور جوڙيو وڃي، تيستائين چيئرمين بورڊ جا اختيار استعمال ڪندو، ذميواريون نپائيندو ۽ ڪم سرانجام ڏيندو.

7. بورڊ جون گڏجاڻيون جيترو جلد ٿي سگهي آزاداني نموني ڪوٽايون ويندیون پر سال ۾ چار دفعن کان

گهٽ نه هجي، اهڙن وقتن ۾ هنڌن تي ۽ اهڙي طريقي جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.
بشرطيڪ جيستائين ان سلسلي ۾ ضابطا جوڙيا وڃن، بورڊ جي گڏجاڻي چيئرمين جي هدايت تي ڪوٺائي ويندي.

8. (1) هڪ ايگزيڪيوٽو ڪميٽي هوندي، جيڪا هيٺين تي مشتمل هوندي:

(i)چيف ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر	چيئرمين
(ii)ميڊيڪل ڪاليج جو پرنسپال	ميمبر
(iii)ميڊيڪل ڪاليج جو ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ	ميمبر
(iv)بورڊ طرفان نامزد ڪيل هڪ پروفيسر	ميمبر

مول ۽ متا
Aims and Objects

(2) ايگزڪيوٽو ڪميٽي ڪنهن شخص کي مخصوص عرصي يا مقصد لاءِ پنهنجو ميمبر مقرر ڪري سگهي ٿي.

(3) ايگزيڪيوٽو ڪميٽي ميڊيڪل ڪاليج لاءِ ننڍي مدي ۽ ڊگهي مدي وارا ترقياتي پروگرام تيار ڪندي ۽ ساڳيا بورڊ کي منظوري لاءِ پيش ڪندي.

(4) ايگزيڪيوٽو ڪميٽي اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيندي جيڪي برودِ طرفان سونپيا وڃن.

باب -III

ميڊيڪل ڪاليج جا مول متا ۽ بورڊ جا اختيار

9. ميڊيڪل ڪاليج جا مول متا هيٺين ريت هوندا:

(a) ميڊيڪل ڪاليج ۾ پڙهائي ۽ طبي سهولتن کي بهتر بڻائڻ؛

(b) اعليٰ معيار جي اندر گريجوئيٽ ۽ پوسٽ گريجوئيٽ سطح تي تربيتي تحقيقي عمل سميت ميڊيڪل تعليم ڏيڻ؛

بورڊ جا اختيار

Powers of the Board

(c) ميڊيڪل ڪاليج ۽ ساڳئي قسم جي ٻين ادارن جي مختلف شعبن ۾ استادن، ڊاڪٽرس، نرسن ۽ پيراميڊيڪل اسٽاف کي تربيتي سهولتون مهيا ڪرڻ؛
(d) ميڊيڪل ڪاليج ۾ جديد ميڊيڪل ۽ انتظامي طريقا متعارف ڪرائڻ؛
(e) پنهنجي ڪمن ۽ ذميوارين کي بهتر نموني سرانجام ڏيڻ لاءِ پاڻ کي ٻين ادارن سان جوڙڻ؛
(f) ماڻهن کي بهترين صحت جون سهولتون مهيا ڪرڻ؛
(g) اهڙيون ٻيون سرگرميون ڪرڻ جيڪي ميڊيڪل ڪاليج جي ڪاروهنوار کي اثرائتو ۽ موثر بڻائڻ ۾ مددگار ٿين.

10. (1) هن ايڪٽ جي ٻين گنجائشن موجب بورڊ اهڙا اپاءَ وٺي سگهي ٿو ۽ اهڙا اختيار استعمال ڪري سگهي ٿو جيڪي هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري هجن.
(2) ذيلي دفعه (1) تحت مليل اختيارن جي عام حيثيت سان تضاد کانسواءِ، بورڊ هيٺيان ڪم ڪري سگهندو:
(a) ميڊيڪل ڪاليج مٿان ضابطو رکڻ ۽ ڪاروهنوار جي نظرداري ڪرڻ؛
(b) بجيٽ ڪاٽن، سالياني رپورٽس ۽ ڪاليج جي اڪائونٽس جي آڊٽ ٿيل اسٽيٽمينٽس تي غور ڪرڻ ۽ منظوري ڏيڻ؛
(c) منظور ٿيل بجيٽ تحت هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪو ضروري خرچ حاصل ڪرڻ؛
(d) خاص مقصدن لاءِ فنڊس سميت ميڊيڪل ڪاليج جي ملڪيت ۽ فنڊ حاصل ڪرڻ، رکڻ، ضابطو رکڻ، انتظام ڪرڻ ۽ نيڪال ڪرڻ؛
(e) هن ايڪٽ جي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ

معاهدن، ٽيڪن، گروي رکڻ، ليزنگ معاهدن ۽ انتظامن ۾ داخل ٿيڻ ۽ حڪومتي تنظيمن طرفان اجازت وٺڻ، ادارن، بئنڪن، بشمول ٻي ڪنهن پرڏيهي يا مقامي مالي مدد ڪندڙ ايجنسين يا مالياتي ادارن سان معاهدا ڪرڻ.

(f) ميڊيڪل ڪاليج جي اڪائونٽس جي آڊٽ جو انتظام ڪرڻ؛

(g) اهڙين شرطن تي فنڊس گڏ ڪرڻ ۽ رقم اڌاري وٺڻ جن جي حڪومت طرفان منظوري ڏني ويندي.

(h) ميڊيڪل ڪاليج جي پرنسپال جي سربراهيءَ ۾ اڪيڊمڪ ڪائونسل مقرر ڪرڻ اهڙن ميمبرن سان جيئن تعليمي ڪم لاءِ مقرر ڪيا وڃن؛

چيف ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر جنرل
Chief Executive Director General

(hh) حومڪت طرفان پنهنجي ميڊيڪل ڪاليج لاءِ جوڙيل داخلا پاليسي جي پيروي ڪرڻ؛

(i)فيڪلٽيز ۽ تدريسي شعبا قائم ڪرڻ؛

(j)ميڊيڪل سائنسز ۽ ٻين لاڳاپيل شعبن ۾ تحقيقي ڪم ڪرڻ؛

(k)پنهنجا ڪي به اختيار چيف ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر يا ميڊيڪل ڪاليج جي ٻئي ڪنهن عملدار کي منتقل ڪرڻ؛ ۽

(l) ضابطا جوڙڻ جيڪي هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهن.

باب -IV

انتظاميه

11. (1) حڪومت بورڊ سان مشاورت بعد ڪل وقتي چيف ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر مقرر ڪندي، جيڪو اهڙي قابليت رکندڙ هجي ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب، جيئن اها طئي ڪري.

(2) چيف ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ميڊيڪل ڪاليج

جو چيف ايگزيڪيوٽو هوندو؛ بشرطيڪ جيستائين هڪ ڪل وقتي چيف ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر حڪومت طرفان چاڻايل طريقي ۽ چاڻايل شرطن موجب ڪنهن شخص کي چيف ايگزيڪيوٽو مقرر ڪيو وڃي.

1. دفعه 10 جي ذيلي دفعه (2) ۾، شق (hh) 1996 جي سنڌ ايڪٽ نمبر VI (2.6.96) طرفان شامل ڪئي ويندي.

2. دفعه 11 جي ذيلي دفعه (2) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ ساڳيو شرطيه بيان شامل ڪيو ويندو.

(3) چيئرمين جي هدايتن ۽ بورڊ طرفان گائيڊ لائينز ۽ حڪمت عملين موجب، چيف ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر هيٺيان ڪم ڪري سگهندو:

(i)ميڊيڪل ڪاليج جي انتظاميا تي نظرداري ڪندو ۽ ضابطو رکندو؛

(ii) هو انهيءَ ڳالهه جو ذميوار هوندو ۽ بااختيار هوندو ته انهن فيصلن جي نظرداري ڪري ۽ اهي لاڳو ڪري جيڪي بورڊ طرفان اسڪيم ۽ پروگرام جي لاءِ منظور ڪيا ويا آهن؛

(iii) ميڊيڪل ڪاليج جا رڪارڊس ۽ سيٽون تحويل ۾ رکندو؛

(iv) بورڊ ۽ حڪومت جي معلومات لاءِ ميڊيڪل ڪاليج جي سرگرمين جون رپورٽون تيار ڪرڻ ؛

(v) بورڊ کي بجيٽ ڪاٽا ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ ڪاٽا جمع ڪرائيندو؛

(vi) منظور ٿيل بجيٽ منجهان خرچ ڪندو؛

(vii) بورڊ جي طرفان ڪم ڪندو ۽ دستاويز جاري ڪندو؛

(viii) ضابطن موجب، عملدار اسٽاف مقرر ڪرڻ جو اختيار رکندو، جن جو مدو ڇهه مهينن کان وڌيڪ نه هوندو.

عملدارن، صلاحڪارن ۽ ملازمن جي مقرري
Appointment of Officers, Advisors and Employees

فنڊس
Funds

(ix) اهڙا ٻيا ڪم ۽ ذميواريون سرانجام ڏيندو جيڪي ڪيس بورڊ يا چيئرمين طرفان سونپيا وڃن.

12. (1) ميڊيڪل ڪاليج جي موثر ڪارڪردگيءَ لاءِ، استاد، ڊاڪٽر، عملدار ۽ ٻيو اسٽاف اهڙي قابليت، فني، ننڍن ملازمن جون لياقتون ۽ تجربو رکندڙن کي اهڙي طريقي ۽ شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪري سگهجي ٿو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

بجيٽ
Budget

(2) اهڙيءَ ريت مقرر ڪيل استاد، عملدار ۽ اسٽاف اهڙي انتظامي قدم جا مستحق هوندا ۽ اهڙي طريقي جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

اڪائونٽس
Accounts

آڊٽ
Audit

باب -V

ماليات

13. ميڊيڪل ڪاليج جو هڪ ڏار فنڊ هوندو، جيڪو مشتمل هوندو:

اثاثا ۽ ذميواري
Assets and liability

(a) حڪومت طرفان حاصل ڪيل گرانٽس؛

(b) وسيلي کان حاصل ڪيل امداد ۽ قرض؛

(c) سيڙپڪاري ۽ ڏراوت ذريعي جمع ڪيل رقم؛

(d) عطيات ۽ چندا؛

(e) اهڙن وسيلن کان وصوليون جيئن بورڊ طرفان منظوري ڏني وئي هجي.

ميڊيڪل ڪاليج ڏانهن بدلي ڪيل ماڻهن جي ملازمت جا شرطون ۽ ضابطا
Terms and conditions of service of persons transferred to

14. بجيٽ اهڙي ريت تيار ڪئي ۽ منظور ڪئي ويندي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

15. فنڊس بورڊ طرفان منظور ڪيل شيڊولڊ بئنڪ ۾ رکيا ويندا.

16. (1) اڪائونٽس اهڙيءَ ريت هلايا ۽ سنڀاليا ويندا جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2) اڪائونٽس اڪائونٽنٽ جنرل سنڌ طرفان آڊٽ ڪيا ويندا.

باب -VI

متفرقات

17. سمورا فنڊس، ملڪيتون، حق ۽ واسطا ڪنهن به قسم جي، استعمال ڪيل، قبضي ۾ رکيل يا استعمال هيٺ، يا ميڊيڪل ڪاليج ۽ اسپتال جي قبضي ۾ رکيل ۽ ڄاڻايل ڪاليج ۽ اسپتال لاءِ قانوني طور موجود سموريون ذميواريون هن ايڪٽ تحت ٻيهر جوڙيل ميڊيڪل ڪاليج ڏانهن منتقل ٿي ويندیون.

18. (1) موجود ميڊيڪل ڪاليج ۽ اسپتال ۾خدمتون سرانجام ڏيندڙ ماڻهو، هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ کان اڳ فوري طور ڪنهن به آسامي تي ڪم ڪندڙ، ميڊيڪل ڪاليج ۾ خدمت سرانجام ڏيندا.

(2) ذيلي دفعه (1) تحت آپشن ورتو ويندو ۽ پيپلز ميڊيڪل ڪاليج (ترميم) ايڪٽ، 1995 جي لاڳو ٿيڻ جي ٿيهن ڏينهن اندر حڪومت کي جمع ڪرايو ويندو.

1.دفعه 18 سواءِ شرطيه بيانن جي 1996 جي ايڪٽ نمبر VI تحت تبديل ڪيو ويندو.

(3) ذيلي دفعه (2) تحت رضامندي وصول ٿيڻ تي حڪموت ميڊيڪل ڪاليج ۾ خدمت سرانجام ڏيندڙ لاڳاپيل ماڻهن کي اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب بدلي ڪري سگهي ٿي جيئن حڪومت طئي ڪري.

بشرطيڪ شرطون ۽ ضابطا انهن کي بدلي کان فوري اڳ ملندڙن کان گهٽ فائديمند نه هوندا.

بشرطيڪ وڌيڪ ته اهڙيءَ ريت بدلي ڪيل ماڻهو جيستائين انهن جي خدمت جا شرط ۽ ضابطا طئي نه ٿا ڪيا وڃن، اهي انهن کي اهڙي بدليءَ کان اڳ دستياب شرطن ۽ ضابطن موجب هلايا ويندا.

19. حڪومت بورڊ کان ميڊيڪل ڪاليج سان لاڳاپيل ڪا به معلومات، رپورٽ، اسٽيٽمينٽ يا انگ

the Medical College

حڪومت جي طلب
Requisition of Government

ساليانيون رپورٽون
Annual Reports

سرڪاري ملازم
Public Servant

دائره اختيار تي پابندي
Jurisdiction barred

ضمانت
Indemnity

ضابطا

Regulations
منسوخي
Repeal

اکر طلب ڪري سگهي ٿي ۽ بورڊ اهڙي درخواست تي عمل ڪندو.

20. بورڊ هر مالي سال پورو ٿيڻ تي پنهنجي سرگرمين ۽ ڪارڪردگي بابت سالياني رپورٽ تيار ڪندو ۽ اها حڪومت کي جمع ڪرائيندو.

21. هن ايڪٽ جي گنجائشن تحت ڪم ڪندڙ يا جن کي ڪم ڪرڻو آهي، اهي سمورا ماڻهو پاڪستان پينل ڪوڊ جي دفعه 21 تحت سرڪاري ملازم سمجهيا ويندا.

22. هن ايڪٽ تحت ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهه ڪرڻ جي ارادي تي ڪنهن به عدالت کي ڪو فيصلو ٻڌائڻ يا ڪو حڪم ڏيڻ يا انسلسلي ۾ ڪا ڪارروائي ڪرڻ جو دائره اختيار نه هوندو.

23. هن ايڪٽ تحت ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهه ڪرڻ جي ارادي تي حڪومت، ميڊيڪل ڪاليج يا ٻئي ڪنهن شخص خلاف ڪو مقدمو يا ڪا قانوني ڪارروائي نه ٿيندي.

24. بورڊ هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضابطا جوڙي سگهي ٿو.

25. پيپلز ميڊيڪل ڪاليج ۽ اسپتال نوابشاهه آرڊيننس، 1995 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي